وَّالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ
اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ وَاُحِلَّ لَكُمْ
مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ
مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ ؕ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ
بِهٖ مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ؕ وَلَا
جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْۢ بَعْدِ
الْفَرِيْضَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ اهي عورتون بہ (اوهان تي حرام آهن) جيڪي ٻين جي نڪاح ۾ هجن سواءِ انهن جي جيڪي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) اوهان جي قبضي ۾ آيون هجن (ڇو تہ انهن جي اڳئين نڪاح متعلق تحقيقات ڪري نہ ٿي سگهجي). هي الله جي طرف کان توهان جي لاءِ قانون مقرر ڪيو ويو آهي، جن عورتن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو تن کي ڇڏي ٻيون سڀ عورتون توهان جي لاءِ حلال ڪيون ويون آهن. بشرطيڪ پاڪدامن رهڻ لاءِ نہ شهوت پرستيءَ لاءِ. مهر وغيره ڏيئي (انهن سان نڪاح ڪيو) پوءِ جن عورتن سان توهان نڪاح جو فائدو ورتو آهي تن کي مقرر ڪيل مهر ڏئي ڇڏيو. ۽ مهر مقرر ڪرڻ بعد جيڪڏهن هڪٻئي جي رضامندي سان ڪا ڳالهہ ٺهرايو (يعني زال مهر مان ڪجهہ معاف ڪري ڇڏي) تہ پوءِ ائين ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ توهان تي ڏوهہ ڪونہ رکيو ويندو. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ
الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ
اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَاللّٰهُ
اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ ؕ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ
فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَاٰتُوْهُنَّ
اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ
مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ ۚ فَاِذَآ
اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ
نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ؕ ذٰلِكَ
لِمَنْ خَشِيَ الْعَنَتَ مِنْكُمْ ؕ وَاَنْ تَصْبِرُوْا
خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٥﴾ ع

(٢٥) ۽ جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن کي اها طاقت نہ هجي جو آزاد مومن عورتن سان نڪاح ڪري سگهي تہ پوءِ انهن عورتن سان نڪاح ڪري سگهي ٿو، جيڪي (لڙائيءَ ۾ قيد ٿي) توهان جي قبضي ۾ آيون هجن ۽ مومن هجن. (غلام عورت سان نڪاح ڪرڻ ۾ ڪوبہ عيب يا گهٽتائي ڪانهي. اصل ڳالهہ آهي ايمان) سو الله تعاليٰ اوهان جي ايمان جي حقيقت بهتر ڄاڻندڙ آهي (ممڪن آهي تہ هڪ مومن ٻانهي ايمان جي لحاظ کان بهتر درجو رکندڙ هجي، هڪ شريف زادي کان جا ايماني خصلتن کان محروم هجي) ۽ توهان سڀ هڪٻئي سان هڪ جنس آهيو. (ٻانها ۽ ٻانهيون بہ ٻين وانگر انسان آهن) پوءِ ڀلي اهڙين غلام عورتن کي انهن جي مالڪن جي اجازت سان پنهنجي نڪاح ۾ آڻيو ۽ دستور موجب انهن کي مهر ڏيو. هيءَ ڳالهہ ضروري آهي تہ اهي (ٻانهيون) نڪاح جي قيد اندر پاڪ دامن ٿي رهن، بدڪار نہ ٿين نہ کي لڪي ڇپي بدچالي ڪندڙ هجن. پوءِ جيڪڏهن نڪاح ۾ اچڻ بعد انهن مان ڪا فاحش ڪم ڪري تہ هن لاءِ انهيءَ سزا جو اڌ آهي جا آزاد عورتن لاءِ مقرر آهي. هي حڪم انهن ماڻهن لاءِ آهي جن کي انديشو هجي تہ (نڪاح نہ ڪرڻ جي ڪري) نقصان يا گناهن ۾ پئجي ويندا. ۽ جيڪڏهن توهان صبر ڪيو (۽ بهتر حالتن لاءِ ترسو) تہ توهان جي لاءِ بهتر آهي ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

## رڪوع 5

**الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ توهان ڏانهن پنهنجي رحمت جي موٽ ڪري ۽ سختين ۽ رڪاوٽن جي بدران اوهان جي لاءِ هلڪائي ۽ آساني ڪئي وڃي.**

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ

(٢٦) الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ توهان کي انهن (ڪامياب) ماڻهن جا طريقا ڇٽا

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦﴾

ڪري ٻڌائي جي اڳي ٿي گذريا آهن، ۽ انهن جي طريقن تي توهان کي به هلائي ۽ پڻ اوهان ڏانهن پنهنجي رحمت سان موٽي ۽ الله تعاليٰ (توهان جي مصلحتن جو) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني حڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَاللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْكُمْ ۣ وَيُرِيْدُ الَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الشَّهَوٰتِ اَنْ تَمِيْلُوْا مَيْلًا عَظِيْمًا ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ الله تعاليٰ ته چاهي ٿو ته توهان ڏانهن (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪري (۽ توهان انهن گناهن کان تائب ٿيو جن ۾ گرفتار هئو) پر جيڪي ماڻهو پنهنجي نفساني خواهشن جي پوئٽون لڳي پيا آهن، سي چاهين ٿا ته توهان حق جي راه کان هٽي تمام پري هليا وڃو.

يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ۚ وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا ﴿٢٨﴾

(٢٨) الله تعاليٰ چاهي ٿو ته (سختين ۽ رڪاوٽن جي بدران) اوهان جي لاءِ هلڪائي ۽ آساني ڪئي وڃي، ڇو ته (هي حقيقت آهي ته) انسان (طبيعت ۾) ڪمزور خلقيو ويو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۣ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾

(٢٩) مومنؤ! هڪٻئي جو مال پاڻ ۾ ناحق (ناجائز طور بيهودين ڳالهين ۾) نه کائي کپائي ڇڏيو، پر جيڪڏهن گڏيل ڌنڌو واپار هجي ته پوءِ هڪٻئي جي رضامنديءَ سان (مناسب طور) کائي سگهو ٿا. متان پنهنجي جانين کي برباد ڪري ڇڏيو. الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪندڙ آهي.

وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾

(٣٠) ۽ جيڪو دشمني ۽ ظلم سان ائين ڪندو تنهن کي اسان جلد دوزخ جي باهه ۾ وجهنداسين ۽ الله جي واسطي اها ڳالهه بلڪل سولي آهي.

اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَاۗىِٕرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ جن ڪبيرن گناهن کان توهان کي منع ڪئي وئي آهي تن کان جيڪڏهن توهان پاڻ کي بچائيندؤ ته (اسان جي فضل ۽ رحمت جو قانون هي آهي ته) اسان توهان جي ننڍين اوڻاين ۽ غلطين جا اثر توهان مان ميساري ڇڏينداسين ۽ توهان کي عزت (۽ نيڪيءَ) جي درجي تي پهچائينداسين.

وَلَا تَتَمَنَّوْا مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۭ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ۭ وَلِلنِّسَاۗءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ۭ وَسْـَٔـلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾

(٣٢) الله تعاليٰ توهان مان ڪن کي وڌيڪ رزق (۽ ٻيو ڪجھ) ڏنو آهي. پوءِ ان بابت ريس يا لالچ يا حسد نه رکو (خصوصاً جيئن) مرد کي پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي (تيئن) عورت کي به پنهنجي عملن ۽ ڪمائي جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي. (هڪٻئي سان ريس ۽ ساڙ نه ڪيو، نڪي هڪٻئي ۾ لالچ رکو بلڪ) خدا کان سندس فضل ۽ نعمتون گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.

وَلِكُلٍّ جَعَلْنَا مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۭ وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ فَاٰتُوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ (ڏسو) جيڪو ترڪو ماءُ پيءُ ۽ مائٽ ڇڏي وڃن تنهن ۾ هرهڪ جي لاءِ اسان حقدار وارث ٺهرائي ڇڏيا آهن ۽ پڻ جن عورتن سان توهان جو عهد اقرار (نڪاح) ٿيل آهي، (تن جو به اسان حصو ٺهرائي ڇڏيو آهي) تنهن ڪري انهن جو حصو انهن کي ڏيئي ڇڏتو ۽ ياد رکو ته الله تعاليٰ هر جاءِ حاضر ناظر آهي (۽ ڪائنس ڪا به شيءِ لڪل ناهي.

## رکوع 6

## نيڪ زالن جو فرض، زالن سان انصاف ڪرڻ ۽ نباهڻ.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّ بِمَآ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَالّٰتِيْ تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ وَاهْجُرُوْهُنَّ فِي الْمَضَاجِعِ وَاضْرِبُوْهُنَّ ۚ فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا عَلَيْهِنَّ سَبِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيْرًا ﴿۳۴﴾

(٣٤) مرد عورتن (جي گذران ۽ حفاظت) لاءِ بندوبست ڪرڻ وارا آهن، هن ڪري جو الله تعاليٰ ڪن کي ڪن کان (ڪن ڳالهين ۾ مثلاً طاقت ۾) بهتر ڪيو آهي ۽ پڻ هن ڪري جو مرد پنهنجو مال (عورتن تي) خرچ ڪن ٿا. پوءِ جيڪي عورتون نيڪ آهن، سي (الله جون) فرمانبردار رهن ٿيون ۽ جيئن الله تعاليٰ ڪين حفاظت ۾ رکيو آهي، تيئن پاڻ به (ظاهر توڙي باطن ۾) غيب ۾ به (خدائي قانونن جي) حفاظت ڪنديون رهن ٿيون. ۽ جن زالن کان توهان کي بغاوت جو انديشو هجي تن کي (پهريائين نرمي ۽ محبت سان) سمجهايو پوءِ ڪين خوابگاه ۾ پاڻ کان الڳ رلو (پوءِ به نه مڃن ۽ ڪين (ڪجھ قدر) بدني سزا به ڏيو. پوءِ جيڪڏهن توهان جو چوڻ مڃن ته (سختي بند ڪيو) ۽ ائين نه ڪيو جو (مٿن الزام رکڻ لاءِ) واٽون ۽ حيلا بهانا ڳوليو. ياد رکو ته الله تعاليٰ سيني کان اعليٰ ۽ سيني کان وڏو آهي.

وَاِنْ خِفْتُمْ شِقَاقَ بَيْنِهِمَا فَابْعَثُوْا حَكَمًا مِّنْ اَهْلِهٖ وَحَكَمًا مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ يُّرِيْدَآ اِصْلَاحًا يُّوَفِّقِ اللّٰهُ بَيْنَهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا خَبِيْرًا ﴿۳۵﴾

(٣٥) ۽ جيڪڏهن اوهان کي انديشو ٿئي ته زال مڙس پاڻ ۾ ڦٽي پوندا ته پوءِ هڪڙو امين مڙس جي مائٽن مان ۽ هڪڙو امين زال جي مائٽن مان مقرر ڪيو جيڪڏهن ٻئي امين (دل سان) چاهيندا ته صلح ڪرائي ڇڏيون ته الله تعاليٰ ضرور زال مڙس جي وچ ۾ موافقت پيدا ڪري ڇڏيندو، بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ سڀ ڪنهن ڳالھ جي خبر رکندڙ آهي.

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّ بِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْجَارِ ذِي الْقُرْبٰى وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا ۙ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ (خبردار) الله جي ٻانهپ ڪريو ۽ ڪنهن به شيءِ کي ساڻس شريڪ نه ڪيو ۽ اوهان کي گهرجي ته ماءُ پيءُ سان، مائٽن سان، يتيمن ۽ مسڪينن سان، پاڙيسرين سان، اهي پاڙيسري مائٽ هجن توڙي ڌاريا هجن، (مسافريءَ ۾ يا هونئن) ۽ پرسان ويٺل سنگتين سان، مسافرن سان ۽ انهن سان جي توهان جي قبضي يا زيردستيءَ ۾ آهن، انهن سيني سان احسان (خير خواهي ۽ مددگاري) ڪندا رهو. الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي آڪڙيل ۽ ٻٽاڪي آهن.

الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ وَيَكْتُمُوْنَ مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ۚ﴿۳۷﴾

(٣٧) جيڪي پاڻ به ڪنجوسائي ٿا ڪن ۽ ٻين کي به ڪنجوسائي ڪرڻ جو حڪم ٿا ڏين ۽ جيڪي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان کين ڏنو آهي سو لڪائي ٿا رکن (ياد رکو) ته انهن بي شڪري ڪندڙن لاءِ اسان خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار رکيو آهي.

وَالَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا

(٣٨) ۽ (انهن ماڻهن کي به الله تعاليٰ پسند نٿو ڪري) جيڪي رڳو ماڻهن

يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ وَمَنْ يَّكُنِ الشَّيْطٰنُ لَهٗ قَرِيْنًا فَسَاۗءَ قَرِيْنًا ۝٣٨

کي ڏيکارڻ لاءِ (نالي ماتر ناموس لاءِ) مال خرچ ڪن ٿا، اهي حقيقت ۾ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ڪونہ ٿا رکن. (الله تي ايمان هجين تہ ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ مال ڇو لٽائين). سو جنهن جو سنگتي شيطان آهي تنهن جو اهو ساٿي ڪهڙو نہ خراب آهي.

وَمَاذَا عَلَيْهِمْ لَوْ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ بِهِمْ عَلِيْمًا ۝٣٩

(٣٩) ۽ انهن ماڻهن کي ڪهڙو نقصان ٿئي ها جيڪڏهن هو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ها ۽ جيڪي خدا هنن کي ڏنو آهي ان کي (سندس راهہ ۾) خرچ ڪن ها؟ الله تعاليٰ سندن حالت چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ ۚ وَاِنْ تَكُ حَسَنَةً يُّضٰعِفْهَا وَيُؤْتِ مِنْ لَّدُنْهُ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝٤٠

(٤٠) يقيناً الله تعاليٰ (عملن جي بدلي ڏيڻ ۾) هڪ ذرو بہ ڪنهن تي ظلم نٿو ڪري، جيڪڏهن ڪنهن هڪ رتيءَ جيتري بہ نيڪي ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ ان کي ٻيڻو ڪندو ۽ وڏيڪ پنهنجي طرفان اهڙو بدلو بہ ڏيندو جو تمام وڏو بدلو هوندو.

فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍۢ بِشَهِيْدٍ وَّجِئْنَا بِكَ عَلٰي هٰٓؤُلَاۗءِ شَهِيْدًا ۝٤١

(٤١) ۽ پوءِ (اي پيغمبر!) ڪهڙو حال ٿيندو انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن جڏهن اسان هرهڪ امت مان هڪڙو شاهد ڪنداسين (يعني ان امت جي پيغمبر کي آڻينداسين جيڪو پنهنجي امت جي عملن بابت شاهدي ڏيندو) ۽ اسان توکي هنن ماڻهن جي مٿان شاهدي ڏيڻ لاءِ آڻينداسين.

يَوْمَىِٕذٍ يَّوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَعَصَوُا الرَّسُوْلَ لَوْ تُسَوّٰى بِهِمُ الْاَرْضُ ۭ وَلَا يَكْتُمُوْنَ اللّٰهَ حَدِيْثًا ۝٤٢

(٤٢) انهيءَ ڏينهن جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي ۽ (الله جي) رسول جي حڪمن جي نافرماني ڪن ٿا سي(ارمان ۽ پشيمانيءَ ۾) خواهش ڪندا تہ مٽيءَ سان ملي هڪ ٿي وڃن، پر (ائين ٿي ڪين سگهندو) هو انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ کان ڪا بہ ڳالهہ لڪائي نہ سگهندا.

## رڪوع 7

### نماز ۽ نشو، عمل ۽ تيمم، يهودين جو ڪفر ۽ شرارتون، شرڪ. مومنن لاءِ انعام، عدل ۽ انصاف ڪرڻ جو حڪم

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِيْ سَبِيْلٍ حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا ۭ وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰي سَفَرٍ اَوْ جَاۗءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَاۗىِٕطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَاۗءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَاۗءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا ۝٤٣

(٤٣) مومنؤ! نشي جي حالت ۾ نماز جو ارادو نہ ڪيو. (تڏهن نماز پڙهو جڏهن) جيڪي زبان سان (نماز ۾) چئو، سو چڱيءَ طرح سمجهو ۽ جنهن کي تڙ پيل هجي سو بہ جيستائين غسل نہ ڪري تيستائين نماز جو ارادو نہ ڪري. واٽ ويندڙ مسافر هجي ۽ پاڻي نہ مليس تہ تيمم ڪري) نماز پڙهي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن توهان بيمار هجو يا سفر ۾ هجو يا توهان مان ڪو پائخاني مان فارغ ٿي نڪري يا توهان عورت سان همبستر ٿيا هجو ۽ (وضو ۽ غسل جي لاءِ) پاڻي نہ ملي تہ پاڪ زمين کان ڪم وٺو (زمين تي هٿ لڳائي) منهن ۽ هٿن جي مٿان گهمايو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي.

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِينَ أُوتُوا نَصِيبًا مِّنَ الْكِتَابِ يَشْتَرُونَ الضَّلَالَةَ وَيُرِيدُونَ أَن تَضِلُّوا السَّبِيلَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ڇا توهان انهن ماڻهن جي حالت نہ ڏٺي جن کي الله جي ڪتاب (جي علم مان) ڪجھ حصو ڏنو ويو هو؟ ڪيئن هو (هدايت وڪڻي) گمراهي خريد ڪري رهيا آهن ۽ چاهين ٿا تہ توهان بہ سڌي راھ ڇڏي گمراہ ٿي وڃو.

وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِأَعْدَائِكُمْ ۚ وَكَفَىٰ بِاللَّهِ وَلِيًّا وَكَفَىٰ بِاللَّهِ نَصِيرًا ﴿٤٥﴾

(٤٥)۽ الله تعاليٰ اوهان جي دشمنن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو (توهان جي لاءِ) الله جي دوستي ۽ مددگاري ڪافي آهي.

مِّنَ الَّذِينَ هَادُوا يُحَرِّفُونَ الْكَلِمَ عَن مَّوَاضِعِهِ وَيَقُولُونَ سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا وَاسْمَعْ غَيْرَ مُسْمَعٍ وَرَاعِنَا لَيًّا بِأَلْسِنَتِهِمْ وَطَعْنًا فِي الدِّينِ ۚ وَلَوْ أَنَّهُمْ قَالُوا سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا وَاسْمَعْ وَانظُرْنَا لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَأَقْوَمَ وَلَٰكِن لَّعَنَهُمُ اللَّهُ بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُونَ إِلَّا قَلِيلًا ﴿٤٦﴾

(٤٦) (اي پيغمبر!) يهودين مان ڪي اهڙا آهن جيڪي لفظن کي انهن جي اصلي جاءِ تان ڦيرائي ڇڏين ٿا ۽ (جڏهن توهان سان ملن ٿا تڏهن) حق جي دين تي طعنہ زني ۽ بدنامي ڪرڻ جي خيال سان زبان کي وٽ ڏيئي لفظن کي بگاڙي ڇڏين ٿا. (مثلاً) چون ٿا سَمِعنا وَ عَصَينا ۽ اِسمَع غير مُسمَع ۽ راعنا. جيڪڏهن اهي ماڻهو (شرارت ڇڏي) سمعنا و اطينا ۽ اسمع ۽ انظُرنا چون ها تہ هنن لاءِ چڱو ٿئي ها ۽ صحيح حقيقت کي پهچن ها. پر سندن ڪفر سببان مٿن الله تعاليٰ جي لعنت پئجي ويئي، سو ڪن ٿورن کان سواءِ ٻيا سڀ ايمان کان محروم آهن.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ آمِنُوا بِمَا نَزَّلْنَا مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُم مِّن قَبْلِ أَن نَّطْمِسَ وُجُوهًا فَنَرُدَّهَا عَلَىٰ أَدْبَارِهَا أَوْ نَلْعَنَهُمْ كَمَا لَعَنَّا أَصْحَابَ السَّبْتِ ۚ وَكَانَ أَمْرُ اللَّهِ مَفْعُولًا ﴿٤٧﴾

(٤٧) اي اهل ڪتاب جيڪو ڪتاب اسان (حضرت محمدﷺ تي) نازل ڪيو آهي ۽ جو انهيءَ ڪتاب (تورات) جي تصديق ٿو ڪري جيڪو توهان وٽ موجود آهي، ان تي ايمان آڻيو. انهيءَ وقت کان اڳي (ايمان آڻيو) جڏهن اسان ماڻهن جي چهري جي شڪل مٽائي پٺيءَ جي پاسي ڦيرائي ڇڏينداسين (يعني ڪين ذليل ۽ خوار ڪنداسين) يا مٿن اهڙي لعنت وجهنداسين جهڙي سبت وارن تي وڌي هئي سين ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ جيڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي اهو ضرور ائين عمل ۾ ايندو.

إِنَّ اللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَن يُشْرَكَ بِهِ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَاءُ ۚ وَمَن يُشْرِكْ بِاللَّهِ فَقَدِ افْتَرَىٰ إِثْمًا عَظِيمًا ﴿٤٨﴾

(٤٨) الله تعاليٰ هي ڳالھ هرگز نہ بخشيندو تہ ساڻس ڪنهن ٻيءَ هستيءَ کي شريڪ ڪيو وڃي. (جيئن يهودي ۽ نصاري پوپ، پادرين ۽ راهبن جي فرمانبرداريءَ ۾ هر حڪم جي تعميل ڪندا هئا ۽ ڪين خدا سان شريڪ ڪندا هئا). پر ان کان سواءِ ٻيا گناہ جيڪڏهن چاهي تہ بخشي ڇڏي. جيڪو الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪري ٿو، اهو وڏو گناہ ڪري ٿو ۽ خدا تي جڙتو ڪوڙ هڻي ٿو.

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِينَ يُزَكُّونَ أَنفُسَهُم ۚ بَلِ اللَّهُ يُزَكِّي مَن يَشَاءُ وَلَا يُظْلَمُونَ فَتِيلًا ﴿٤٩﴾

(٤٩) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نہ ڪئي جيڪي پنهنجي پاڪائيءَ تي وڏو فخر ڪن ٿا (اهل ڪتاب چون ٿا تہ آخرت جو ڇوٽڪارو فقط اسان جي لاءِ آهي، حالانڪ پاڪائي جو مدار نيڪ عملن تي آهي نہ يهودي يا عيسائي سڏائڻ تي) هي الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي تہ

جنهن کي چاهي تنهن کي (براين کان) پاڪ ڪري ۽ هو (عملن جي بدلي ڏيڻ ۾) تر جيتري بہ ڪنهن سان بي انصافي نٿو ڪري.

اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَ كَفٰى بِهٖۤ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۰﴾

(٥٠) ڏس تہ هي ماڻهو ڪيئن نہ الله تعاليٰ تي ظاهر ظهور ڪوڙو بهتان هڻن ٿا (تہ پاڪائي ۽ ڇوٽڪاري جو مدار يهودين جي جماعت ۾ اچڻ تي آهي.) هنن جي ظاهر ظهور گنهگار هِئڻ لاءِ هيءَ هڪ ئي ڳالھ ڪافي ثابتي آهي.

## رڪوع 8

## عدل ۽ انصاف ڪرڻ جو حڪم. الله ۽ سندس رسول جي حڪمن موجب فيصلا ڪرڻ

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَ الطَّاغُوْتِ وَ يَقُوْلُوْنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰۤؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿۵۱﴾

(٥١) (اي پيغمبر!) ڇا تون انهن ماڻهن جو حال نٿو ڏسين جن کي الله جي ڪتاب (جي علم مان) ڪجھ حصو ڏنو ويو هو. (ڪيئن نہ) هو بتن ۽ شيطاني قوتن جا معتقد ٿي ويا آهن ۽ ڪافرن (بت پرست عربن) جي باري ۾ چون ٿا تہ اهي (بت پرست) هنن مؤمنن کان زياده سڌيءَ واٽ تي هلندڙ آهن.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَ مَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿۵۲﴾

(٥٢) (يقين ڪيو تہ) اهي ئي ماڻهو آهن جن تي الله جي لعنت پئي ۽ جنهن تي بہ الله جي لعنت پئي تنهن لاءِ ڪو بہ مددگار نہ ڏسندؤ.

اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ﴿۵۳﴾

(٥٣) ڇا انهن جي قبضي ۾ طاقت ۽ بادشاهيءَ جو ڪجھ حصو اچي ويو آهي؟ جو هاڻي چاهين ٿا تہ ماڻهن کي ڪوڏي بہ نہ ڏيون.

اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَاۤ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ اٰتَيْنَاۤ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ اٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿۵۴﴾

(٥٤) يا وري الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ماڻهن کي جيڪي عطا ڪيو آهي تنهن تي هنن کي حسد ٿو ٿئي ڇا؟ (هو نٿا چاهين تہ جنهن نعمت يعني هدايت کان پاڻ محروم ٿي چڪا آهن، سا نعمت ٻين کي ملي) جي ائين آهي تہ (هنن کي هن ڳالھ کان بي خبر نہ هئڻ گهرجي تہ) اسان حضرت ابراهيم جي خاندان کي ڪتاب ۽ حڪمت ڏني هئي ۽ ان سان گڏ وڏي سلطنت بہ ڏني هئي.

فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَ مِنْهُمْ مَّنْ صَدَّ عَنْهُ ؕ وَ كَفٰى بِجَهَنَّمَ سَعِيْرًا ﴿۵۵﴾

(٥٥) پوءِ انهن مان ڪن ان ڳالھ تي ايمان آندو ۽ ڪن ان کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ (جنهن منهن موڙيو تنهن جي لاءِ) دوزخ جي ساڙيندڙ باھ ڪافي آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ؕ كُلَّمَا نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

(٥٦) (ياد رکي تہ) جن ماڻهن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو (يعني انهن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ شرارتن سان مقابلو ڪيو) تن کي اسان جلد (قيامت جي ڏينهن) دوزخ جي باھ ۾ ڌڪي وجهنداسين. جڏهن جڏهن هنن جي هڪڙي کل سڙي ويندي تڏهن ان جي بدران ٻي کل پيدا ڪنداسين،

كَانَ عَزِيۡزًا حَكِيۡمًا ﴿۵۶﴾

انهيءَ لاءِ تہ عذاب جو مزو چڱيءَ طرح چکي وٺن. بيشڪ الله تعاليٰ سيني تي غالب آهي (۽ جيڪي ڪري ٿو سو) حڪمت سان ڪري ٿو.

وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدۡخِلُهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ لَهُمۡ فِيۡهَاۤ اَزۡوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّنُدۡخِلُهُمۡ ظِلًّا ظَلِيۡلًا ﴿۵۷﴾

(٥٧) ۽ جيڪي ماڻهو (اسان جي آيتن تي( ايمان آڻين ٿا ۽ ڪم بہ چڱا ڪن ٿا تن کي (خوشين جي) اهڙن باغن ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اهي انهن باغن ۾ هميشہ رهندا. انهن ۾ سندن سنگت لاءِ پاڪ زالون هونديون ۽ پڻ اسان کين (پنهنجي رحمت جي) وڏي ۽ چڱيءَ ڇانو ۾ رهائينداسين.

اِنَّ اللّٰهَ يَاۡمُرُكُمۡ اَنۡ تُؤَدُّوا الۡاَمٰنٰتِ اِلٰٓى اَهۡلِهَا ۙ وَاِذَا حَكَمۡتُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ اَنۡ تَحۡكُمُوۡا بِالۡعَدۡلِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمۡ بِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيۡعًاۢ بَصِيۡرًا ﴿۵۸﴾

(٥٨) مومنؤ! خدا توهان کي حڪم ٿو ڪري تہ جيڪا جنهن جي امانت هجي سا ان جي حوالي ڪندا ڪريو ۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪريو تڏهن عدل ۽ انصاف سان فيصلا ڪريو. خدا توهان کي ڪهڙي نہ چڱي نصيحت ٿو ڏئي، بيشڪ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَطِيۡعُوا اللّٰهَ وَاَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ وَاُولِى الۡاَمۡرِ مِنۡكُمۡ ۚ فَاِنۡ تَنَازَعۡتُمۡ فِىۡ شَىۡءٍ فَرُدُّوۡهُ اِلَى اللّٰهِ وَالرَّسُوۡلِ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ ذٰلِكَ خَيۡرٌ وَّاَحۡسَنُ تَاۡوِيۡلًا ﴿۵۹﴾

(٥٩) مومنؤ! الله جي فرمانبرداري ڪيو، الله جي رسول جي فرمانبرداري ڪيو ۽ (انهن ماڻهن جي فرمانبرداري ڪيو) جيڪي اوهان ۾ حاڪم ۽ اختيار رکندڙ هجن، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ بابت اختلاف ۽ جهڳڙو ڪيو تہ الله ۽ رسول ڏي رجوع ڪريو (۽ جيڪو فيصلو اتان ملي ان کي قبول ڪري ان جي تعميل ڪريو) جيڪڏهن توهان سچ پچ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان ٿا رکو (تہ ضرور ائين ڪيو) انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ وڏي چڱائي آهي ۽ ( ان جي پڇاڙي چڱي آهي) ۽ ان مان نتيجو تمام سهڻو نڪري ٿو.

## رکوع 9

## منافقن جي حالت. سچو ايمان آهي الله ۽ رسول جي حڪمن جي سچيءَ دل سان پيروي ڪرڻ

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ يَزۡعُمُوۡنَ اَنَّهُمۡ اٰمَنُوۡا بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَمَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يَّتَحَاكَمُوۡۤا اِلَى الطَّاغُوۡتِ وَقَدۡ اُمِرُوۡۤا اَنۡ يَّكۡفُرُوۡا بِهٖ ؕ وَيُرِيۡدُ الشَّيۡطٰنُ اَنۡ يُّضِلَّهُمۡ ضَلٰلًاۢ بَعِيۡدًا ﴿۶۰﴾

(٦٠) ۽ (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن (منافقن) جي حالت تي نظر نہ ڪئي ڇا، جن جي دعويٰ هيءَ آهي تہ جيڪي توتي نازل ٿيو آهي ۽ جيڪي توکان اڳي نازل ٿيو آهي تنهن تي هو ايمان رکن ٿا پر (سندن عملن جو حال هي آهي جو) هو چاهين ٿا تہ پنهنجا تڪرار ۽ معاملا هڪ شرير ۽ سرڪش (انسان) وٽ (فيصلي لاءِ) کڻي وڃن. اگرچ هنن کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ هن (شيطان) کان انڪار ڪن (۽ فقط الله ۽ سندس رسول جي پيروي ڪن) حقيقت هي آهي تہ شيطان چاهي ٿو تہ هنن کي اهڙو گمراهہ ڪري جو سنئين راهہ کان بلڪل پري وڃي پون.

وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ تَعَالَوۡا اِلٰى مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَ

(٦١) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن انهن ماڻهن کي الله جي حڪم جي طرف جو

اِلَى الرَّسُوْلِ رَاَيْتَ الْمُنٰفِقِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْكَ صُدُوْدًا ﴿٦١﴾

هن نازل ڪيو آهي ۽ رسول جي طرف (جنهن جي فرمانبرداريءَ جو حڪم ڪيو ويو آهي) سڏيو وڃي ٿو تڏهن تون منافقن کي ڏسين ٿو ته توکان منهن موڙين ٿا (۽ هنن جا قدم روڪجي وڃن ٿا.)

فَكَيْفَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ثُمَّ جَآءُوْكَ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّآ اِحْسَانًا وَّ تَوْفِيْقًا ﴿٦٢﴾

(٦٢) پوءِ جيڪڏهن سندن ئي بدعملن سبب هنن تي ڪا مصيبت اچي ڪڙڪي ته ان وقت انهن ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ انهيءَ وقت هو تو وٽ اچي خدا جو قسم کڻندا ۽ چوندا ته (اسان کي تنهنجي فيصلي مڃڻ کان انڪار ڪونهي) اسان جيڪي ڪيو تنهن جو مقصد فقط چڱائي هو ۽ هي به مقصد هو ته پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ميلاپ قائم ٿئي.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَعْلَمُ اللّٰهُ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَعِظْهُمْ وَقُلْ لَّهُمْ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَوْلًا بَلِيْغًا ﴿٦٣﴾

(٦٣) (اي پيغمبر!) هي اهي ماڻهو آهن جن بابت الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ته سندن دلين ۾ ڇا لڪل آهي، تنهن ڪري توکي گهرجي ته هنن جي (شرارتن کان) پاسو ڪر ۽ کين نصيحت ڪندو رهه ۽ انهن کي سمجهاڻيءَ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ٻڌاءِ جو هنن جي دلين تي چڱو اثر پوي.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾

(٦٤) ۽ (اي پيغمبر! نه رڳو توکي پر) جنهن کي به اسان دنيا ۾ رسول ڪري موڪليو، سو هن لاءِ ته اسان جي حڪم سان سندس فرمانبرداري ڪئي وڃي. ۽ جڏهن هنن ماڻهن (تنهنجي نافرماني ڪري) پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو ۽ نقصان پهچايو تڏهن جيڪر تو وٽ اچن ها ۽ خدا کان معافي گهرن ها ۽ پڻ خدا جو سول هنن جي معافيءَ لاءِ خدا کان دعا گهري ها ته هي ماڻهو ڏسن ها ته خدا بيشڪ توبهه قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي.

فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾

(٦٥) (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار هن ڳالهه تي شاهد آهي ته اهي ماڻهو ڪڏهن به مؤمن ٿي نه سگهندا جيستائين ڪ توکي پنهنجن جهيڙن ۽ معاملن ۾ حاڪم ۽ منصف ڪن (پڻ هنن جي دلين جي حالت به اهڙي ٿئي جو) جيڪو فيصلو تون ڪرين ان جي خلاف هنن جي دلين ۾ ڪو ڪٽڪو پيدا نه ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح مڃن جنهن کي پورو پورو مڃڻ چئي سگهجي.

وَلَوْ اَنَّا كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ اَنِ اقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ اَوِ اخْرُجُوْا مِنْ دِيَارِكُمْ مَّا فَعَلُوْهُ اِلَّا قَلِيْلٌ مِّنْهُمْ ۭ وَلَوْ اَنَّهُمْ فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاَشَدَّ تَثْبِيْتًا ﴿٦٦﴾

(٦٦) ۽ جيڪڏهن اسان انهن ماڻهن کي حڪم ڏيون ها ته پاڻ کي قتل ڪيو (يعني لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿي جانيون قربان ڪيو) يا حڪم ڏيون ها ته پنهنجي گهرن مان (هجرت ڪري) ٻاهر نڪري پئو ته، ڪن ٿورن کان سواءِ ٻيا ان حڪم جي تعميل ڪونه ڪن ها، ۽ (سچ هي آهي ته) جنهن ڳالهه جي کين نصيحت ڪئي وڃي ٿي ان تي جيڪڏهن عمل ڪن ها ته هنن جي لاءِ وڏي چڱائي به ٿئي ها ۽ (حق جي راهه تي) پوريءَ طرح ثابت قدم به رهن ها.

وَّ اِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّآ اَجْرًا عَظِيْمًا ۙ﴿٦٧﴾

(٦٧) ۽ ان صورت ۾ اسان ضرور پنهنجي طرفان (سندن عملن جي بدلي ۾) تمام وڏو اجر عطا ڪيون ها.

وَّ لَهَدَيْنٰهُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٦٨﴾

(٦٨) ۽ کين (سعادت واري) سڌيءَ واٽ تي لڳائي ڇڏيون ها.

وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيْنَ ۚ وَ حَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾

(٦٩) ۽ جيڪو بہ الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ٿو ڪري سو ضرور انهن ڀلارن سان گڏ هوندو جن تي الله تعاليٰ پنهنجون نعمتون ڪيون، اهي (ڀلارا) آهن، نبي، صديق، شهيد ۽ صالح. ۽ (جن جا سنگتي اهڙا ماڻهو آهن) تن جا اهي سنگتي ڪهڙا نہ سٺا سنگتي آهن.

ذٰلِكَ الْفَضْلُ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ع ﴿٧٠﴾

(٧٠) اهو فضل الله جي طرفان آهي ۽ (انسان جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ) الله جو علم بلڪل ڪافي آهي.

## رڪوع 10

**جهاد متعلق منافقن جي روش. مسلمانن ڪي الله جي راه ۾ لڙڻ جو حڪم**

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾

(٧١) مومنؤ! پنهنجي حفاظت ۽ تياريءَ ۾ لڳا رهو، پوءِ (جڏهن ضرورت پوي تڏهن دشمن جي مقابلي لاءِ نڪرو) جدا جدا ٽولين ۾ نڪرو يا گڏجي لشڪر ڪري نڪرو (جيئن مناسب سمجهو).

وَ اِنَّ مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنْ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ اَكُنْ مَّعَهُمْ شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾

(٧٢) ۽ ڏسو توهان ۾ ڪو ڪو ماڻهو اهڙو بہ آهي جو (جنگ جي سڏ ٿيڻ تي) پٺتي هٽي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن (لڙائيءَ ۾) اوهان تي ڪا تڪليف اچي وڃي تہ (خوش ٿئي ٿو ۽) چوي ٿو تہ، خدا مون تي وڏو احسان ڪيو جو مان انهن سان نہ هوس.

وَ لَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ تَكُنْۢ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾

(٧٣) ۽ جيڪڏهن توهان تي خدا جو فضل ٿئي ٿو تہ (حسد ۽ ساڙ ۾) چوي ٿو، ڄڻ تہ توهان جي ۽ هن جي وچ ۾ محبت جو ڪو تعلق ئي ڪونهي، تہ ”هاءِ هاءِ! جيڪر انهن ماڻهن سان گڏ هجان ها تہ ڪيڏ نہ وڏو فائدو حاصل ڪيان ها“!

فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ؕ وَ مَنْ يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾

(٧٤) سو جن ماڻهن آخرت جي نعمتن لاءِ دنيا جي زندگي (الله وٽ) وڪڻي ڇڏي آهي تن کي گهرجي تہ (اهڙن منافقن وانگر جهاد کان نہ ٽهن ۽) الله جي راهہ ۾ جنگ ڪن ۽ جيڪو الله جي راه ۾ جنگ ٿو ڪري سو قتل ٿي وڃي يا غالب پوي (هر حال ۾) اسان ڪيس وڏو اجر ڏينداسين.

وَ مَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَ النِّسَآءِ وَ

(٧٥) ۽ (مسلمانو) توهان ڇو نہ ٿا الله جي راهہ ۾ جنگ ڪيو، جڏهن تہ ڪيترائي ويچارا ، بيوس مرد ۽ عورتون ۽ ٻار آهن جي (ظالمن جي ظلم

الْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۙۚ وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾

كان تنگ ٿي) فرياد ڪري رهيا آهن ته، اي اسان جا پروردگار! اسان کي هن شهر مان، جنهن جا ماڻهو (اسان تي) ظلم ڪري رهيا آهن، اسان کي سلامت ٻاهر ڪڍ. (يعني مڪي مان ڇڏاءِ) ۽ پنهنجي طرف کان اسان جي لاءِ ڪو حفاظت ڪندڙ بناءِ ۽ ڪو مددگار اسان ڏي موڪل.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ الطَّاغُوْتِ فَقَاتِلُوْٓا اَوْلِيَآءَ الشَّيْطٰنِ ۚ اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا ﴿٧٦﴾

(٧٦) جي ماڻهو ايمان رکن ٿا سي الله جي راهه ۾ لڙن ٿا (حق ۽ انصاف لاءِ. نه ڪ پنهنجي نفساني خواهشن لاءِ) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي طاغوت (شيطانيت) جي راهه ۾ لڙن ٿا. سو (جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو ته) شيطان جي مددگارن سان لڙو (218). (انهن جي طاقت ۽ گهٽائين جي پرواهه نه ڪريو) شيطان جو مڪر يا عملي تجويز (ظاهري ڪيتري به مضبوط هجي پر حق جي مقابلي ۾) بيشڪ ضعيف آهي.

رڪوع 11

**ضروري سببن کان سواءِ جنگ ۽ خونريزي عظيم ترين گناه آهي، جيڪڏهن هي قرآن ڪنهن ٻئي جي طرف کان هجي ها ته ضرور ان جي ڳالهين ۾ اختلاف ڏسو ها.**

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ قِيْلَ لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ اللّٰهِ اَوْ اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَقَالُوْا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ ۚ لَوْلَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۗ قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ ۚ وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۫ وَلَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧٧﴾

(٧٧) (اي پيغمبر!) تو (انهن ماڻهن جي حالت تي) نظر نه ڪئي ڇا، جن کي حڪم ڏنو ويو ته (جنگ ۽ خونريزيءَ کان) پنهنجا هٿ روڪيو. (ضروري سببن کان سواءِ جنگ ۽ خونريزي عظيم ترين گناه آهي) ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڪڍو ( ان وقت پنهنجي وحشانيت ۽ خود غرضين جي ڪري لڙندا هئا پر) پوءِ جڏهن (حق جي راه ۾) وڙهڻ متن فرض ڪيو ويو تڏهن هڪ ٽولي انسانن کان اهڙو ڊڄڻ لڳي جهڙو خدا کان ڊڄڻ گهرجي. بلڪ ان کان به وڌيڪ ڊڄڻ لڳي. اهي چوڻ لڳا ته، اي خدا! جنگ ڪرڻ اسان تي ڇو فرض ڪيئي، ڇو نه اسان کي ٿورا ڏينهن ٻيا به مهلت ڏنئي. (اي پيغمبر!) تون انهن مانهن کي چئو ته (جنهن دنيا جي محبت ۾ توهان موت کان ڀڄو ٿا انهيءَ) دنيا جي موڙي ۾ فائدو ته تمام ٿورڙو آهي. ۽ جيڪو (انسانن کان نه پر) الله کان ڊڄي ٿو ان جي لاءِ آخرت ئي (جي موڙي ۾ فائدو) تمام گهڻو آهي، اتي توهان سان رتيءَ جيتري به بي انصافي نه ٿيندي.

اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ۗ وَاِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ۗ قُلْ كُلٌّ

(٧٨) توهان ڪٿي به هوندو ته به موت اوهان کي ڳولي لهندو. جيڪڏهن توهان بلند ۽ مضبوط برجن يا قلعن جي اندر هوندؤ. (ته به ان کان بچي ڪين سگهندؤ) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي ڪا چڱائي ملي ٿي تڏهن چون ٿا ته هيءَ چڱائي خدا جي طرف کان (اسان جي ڪوشش جو بدلو) آهي. پر جڏهن ڪين ڪو نقصان پهچي ٿو تڏهن توکي چون ٿا ته هي تنهنجي

مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿۷۸﴾

طرف کان آهي. (يعني رسول الله جي طرف کان) تون کين چئو تہ جيکي بہ ٿئي ٿو سو سڀ الله جي طرفان آهي (سندس قانونن موجب نتيجا نڪرن ٿا) پوءِ (افسوس هنن جي حالت تي!) انهن ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي جو ڪنهن بہ ڳالھ کي سمجھڻ لاءِ عقل جي ويجهو بہ نٿا وڃن؟

مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ۫ وَمَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ؕ وَاَرْسَلْنٰكَ لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿۷۹﴾

(٧٩) (اي انسان!) جيڪا بہ چڱائي توکي ملي ٿي سا خدا جي طرفان ملي ٿي ۽ جيڪو نقصان توکي پهچي ٿو سو خود تنهنجي طرف کان آهي. (تنهنجي ئي بدعملن جو نتيجو آهي) ۽ (اي پيغمبر) اسان توکي ماڻهن ڏانهن پنهنجو پيغمبر ڪري موڪليو آهي. (پيغمبر جو ڪم آهي پيغام پهچائڻ تون ماڻهن جي بدعملن لاءِ ذميوار نہ آهين) ۽ (تنهنجي پيغمبر هئڻ بہ نسبت) الله جي شاهدي ڪافي آهي.

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿۸۰﴾

(٨٠) جنهن رسول پاڪ جي فرمانبرداري ڪئي تنهن في الحقيقت الله جي اطاعت ڪئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن (تنهنجي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيو تہ پوءِ (اي پيغمبر!) اسان توکي مٿس نگهبان ڪري ڪونہ موڪليو آهي (جو تون هن کي زور سان پنهنجي فرمانبرداري ڪرائين).

وَيَقُوْلُوْنَ طَاعَةٌ ۫ فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِيْ تَقُوْلُ ؕ وَاللّٰهُ يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ۚ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۸۱﴾

(٨١) هو (زبان سان تہ) توکي چون ٿا تہ تنهنجو حڪم اسان کي اکين تي آهي، پر جڏهن تو وٽان اٿي ٻاهر وڃن ٿا تڏهن انهن مان ڪي رات جي وقت گڏ ٿين ٿا ۽ جيڪي جيڪي تون چوين ٿو تنهن جي خلاف مشورو ڪن ٿا. جيڪي هو رات جي وقت مجلسن ۾ ڪن ٿا سو الله کان لڪل ناهي ۽ هو ان کي (سندن اعمالنامن) ۾ لکي ٿو ڇڏي. پوءِ هنن جو ڪجھ بہ خيال نہ ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ ڪارسازيءَ لاءِ الله تعالىٰ ڪافي آهي.

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ؕ وَلَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا ﴿۸۲﴾

(٨٢) پوءِ ڇاهي ماڻهو قرآن (جي مطلبن) تي غور ۽ فڪر نٿا ڪن؟ (۽ خدا جي ڏنل عقل کان ڪم نٿا وٺن؟) جيڪڏهن هي قرآن ڪنهن ٻئي جي طرف کان هجي ها، الله جي طرف کان نہ هجي ها تہ هو ضرور ان جي ڳالهين ۾ گھڻوئي اختلاف ڏسن ها.

وَاِذَا جَآءَهُمْ اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ؕ وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ وَاِلٰٓى اُولِى الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ؕ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطٰنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۸۳﴾

(٨٣) ۽ جڏهن هنن ماڻهن وٽ امن جي يا خوف جي ڪابہ خبر اچي ٿي تڏهن هڪدم ان کي ماڻهن ۾ مشهور ڪن ٿا. جيڪڏهن هو ان (ماڻهن ۾ مشهور ڪرڻ بدران) الله جي رسول ۽ اختياريءَ وارن وٽ پيش ڪن ها تہ پوءِ جيڪي انهن مان ان ڳالھ جو اڳ پوءِ جاچيندڙ آهن سي سچي حقيقت سمجهي وٺن ها (۽ عوام ۾ اهو هراس يا غلط فهمي پيدا نہ ٿئي ها (۽ عوام ۾ اجايو هراس يا غلط فهمي پيدا نہ ٿئي ها) ۽ (ڏسو) جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نہ هجي ها تہ (توهان جي ڪمزورين جو حال تہ هي هو جو) ٿورن ماڻهن کان سواءِ ٻيا سڀ شيطان جي پوئتان لڳي پئو ها (۽ سندس تابعداري ڪيو ها.)

فَقَاتِلْ فِي سَبِيلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفْسَكَ
وَحَرِّضِ الْمُؤْمِنِينَ ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّكُفَّ
بَاْسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ وَاللّٰهُ اَشَدُّ بَاْسًا وَّ
اَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿٨٤﴾

(٨٤) پوءِ (اي پيغمبر!) تون اهو خيال نہ ڪر تہ هي منافق توسان جنگ ۾ شامل ٿيندا يا نہ) تون بيشڪ الله جي راهہ ۾ لڙائي ڪر جو توتي رڳو پنهنجي ذميواري آهي نہ ڪنهن ٻئي جي ۽ مؤمنن کي بہ لڙائي لاءِ آمادهہ ڪر. عجب ناهي تہ الله تعاليٰ جلد حق جي منڪرن جو زور ۽ ظلم اوهان کان روڪي ڇڏيندو ۽ الله جو زور سيني کان وڌيڪ آهي ۽ سزا ڏيڻ ۾ سيني کان وڌيڪ سخت آهي.

مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ
نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً
يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ مُّقِيْتًا ﴿٨٥﴾

(٨٥) جو انسان ٻئي انسان سان چڱي ڪم ۾ شامل ۽ مددگار ٿئي ٿو، تنهن کي ان عمل (جي اجر) ۾ حصو ملندو ۽ جيڪو برائي ۾ ٻئي سان شامل ۽ مددگار ٿئي ٿو، تنهن کي ان لاءِ ان برائي (جي نتيجي) مان حصو ملندو. (هو ۽ هر هڪ شيءِ جو سنڀاليندڙ ۽ نگهبان آهي. هو هر عمل جي مطابق بدلو ڏئي ٿو) ۽ بيشڪ هو هر (ڪم ڪرڻ جي) طاقت رکندڙ آهي.

وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ
رُدُّوْهَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
حَسِيْبًا ﴿٨٦﴾

(٨٦) ۽ (اي مومنؤ) جڏهن توهان کي دعا جو سلام ڪيو وڃي تڏهن توهان ان کان بہ بهتر دعا جا الفاظ جوابي سلام ۾ ڪم آڻيو يا (ڪم از ڪم) ساڳيا لفظ موٽائي چئو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو حساب وٺندڙ آهي.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ
الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ۭ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ
حَدِيْثًا ﴿٨٧﴾

(٨٧) (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هڪ آهي ۽ هن کان سواءِ ڪو بہ معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) هو ضرور اوهان کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو ان ۾ ڪجهہ بہ شڪ شبهو ڪونهي (اهو خود الله جو قول آهي) ۽ قول ۾ الله کان وڌيڪ سچو ڪير ٿي سگهي ٿو؟

رڪوع 12

**کهڙي حالت ۾ جنگ ڪجي ۽ کهڙي حالت ۾ جنگ نہ ڪجي.**

فَمَا لَكُمْ فِي الْمُنٰفِقِيْنَ فِئَتَيْنِ وَاللّٰهُ
اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ۭ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ
تَهْدُوْا مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ۭ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ
فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿٨٨﴾

(٨٨) (مسلمانو!) پوءِ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو توهان منافقن بہ نسبت ۾ ٻوليون ٿي پيا آهيو. (هڪڙي ٽولي هڪڙي راءِ تي ڏئي تہ ٻي وري مخالف راءِ تي ڏئي) حالانڪ الله تعاليٰ ڪين سندن بدعملين سبب اونڌو ڪري ڇڏيو آهي. ڇا توهان چاهيو ٿا تہ اهڙن ماڻهن کي هدايت ڪيو جن کي خدا گمراهہ ڪيو آهي ۽ ياد رکو تہ جنهن کي بہ خدا (جي قانون موجب بدعملين سبب) گمراهي حاصل ٿي تنهن لاءِ توهان ڪابہ هدايت جي واٽ لهي نہ سگهندو.

وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا فَتَكُوْنُوْنَ
سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى

(٨٩) اهي منافق تمام سخت چاهنا رکن ٿا تہ جهڙيءَ طرح پاڻ ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي اٿن تيئن توهان بہ ڪيو تہ سڀ هڪ جهڙا ٿي پئو. پوءِ جيستائين اهي ماڻهو (مڪي جا منافق) الله جي راهہ ۾ هجرت نہ ڪن (۽

يُهَاجِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ
وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۪ وَلَا
تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ۙ﴿۸۹﴾

دشمنن کي ڇڏي توهان وٽ نہ اچن) تيستائين توهان هنن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست ۽ مددگار نہ بڻايو، پر جيڪڏهن هو هجرت ڪرڻ قبول نہ ڪن تہ (جنگ جي حالت ۾ دشمنن جو ساٿي بہ دشمن آهي تنهن ڪري) جتي بہ ڪين ڏسو اتي ڪين گرفتار ڪيو يا قتل ڪيو ۽ انهن مان ڪنهن کي بہ پنهنجو دوست نہ بڻايو، نڪي پنهنجو مددگار بڻايو.

اِلَّا الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَ
بَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ اَوْ جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ
صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا
قَوْمَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ
فَلَقٰتَلُوْكُمْ ۚ فَاِنِ اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ
وَاَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ ۙ فَمَا جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ
عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿۹۰﴾

(۹۰) (اهو حڪم انهن لاءِ ناهي) جي دشمنن ڪان جدا ٿي ڪنهن اهڙي قوم ۾ وڃي ملن جن سان اوهان جو صلح ۽ عهد نامون ٿيل هجي يا اهڙا ماڻهو هجن جي لڙائي ڪان بيزار ٿي توهان وٽ هليا اچن. نہ توهان سان لڙائي ڪن نہ (توهان جي پاران) پنهنجي قوم سان لڙائي ڪن (انهن جي خلاف اوهان لڙائي نہ ڪيو.) جيڪڏهن خدا چاهي تہ انهن ماڻهن کي توهان تي زبردستي ڏئي ۽ هو اوهان سان وڙهندا رهن. پوءِ جڏهن هو اوهان ڪان پاسو ڪري ويا ۽ جنگ نتا ڪن ۽ پڻ صلح جو پيغام موڪلي رهيا آهن تہ پوءِ الله تعاليٰ توهان جي لاءِ ڪا بہ اهڙي راهہ يا سبب نہ ڇڏيو آهي جو اهڙن ماڻهن سان لڙائي ڪيو.

سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّاْمَنُوْكُمْ
وَيَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ؕ كُلَّمَا رُدُّوْٓا اِلَى الْفِتْنَةِ
اُرْكِسُوْا فِيْهَا ۚ فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَيُلْقُوْٓا
اِلَيْكُمُ السَّلَمَ وَيَكُفُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ
فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ ؕ وَ
اُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا
مُّبِيْنًا ﴿۹۱﴾ ع

(۹۱) انهن ڪان سواءِ ڪي وري اهڙا ماڻهو ڏسندؤ جي (لڙائيءَ جا خواهشمند نہ آهن) توهان ڪان بہ امن ۾ رهڻ چاهين ٿا ۽ پنهنجي قوم ڪان بہ امن ۾ رهڻ چاهين ٿا پر جڏهن فتني ۽ فساد جي طرف ڌڪيا وڃن تہ اونڌا ٿي ان ۾ ڪري پون (۽ پنهنجي امن واري خواهش تي محڪم رهي نہ سگهن) سو جڏهن اهڙا ماڻهو توهان ڪان پاسو نہ ڪن ۽ توهان ڏي صلح جو پيغام نہ موڪلن ۽ نہ لڙائي ڪان هٿ روڪن تہ پوءِ انهن کي بہ گرفتار ڪيو ۽ جتي بہ ڪين ڏسو اتي قتل ڪيو، هي اهي ماڻهو آهن جن جي خلاف (جنگ ڪرڻ لاءِ) اسان توهان کي چٽي سند يا اختياري ڏني آهي.

## رڪوع 13

**چاڻي واڻي ڪنهن کي خون ڪرڻ وارن لاءِ جهنم آهي، سيني ڪان وڏي ۾ وڏي نيڪي آهي جان ۽ مال سان جهاد ڪرڻ**

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا
خَطَـًٔا ۚ وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا فَتَحْرِيْرُ
رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ وَّدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖٓ
اِلَّآ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ؕ فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ
لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ
وَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ

(۹۲) ڪنهن بہ مؤمن کي نٿو جڳائي تہ ڪنهن مومن کي قتل ڪري سواءِ ان حالت جي جڏهن ڀل چڪ ڪان ائين ٿي وڃي. جنهن بہ هڪڙي مومن کي غلطيءَ ڪان (شڪ شبهي ۾) قتل ڪيو هجي تنهن کي گهرجي تہ هڪ مومن ٻانهو آزاد ڪري ۽ مقتول جي وارثن کي خون بها (عيوضو) ڏئي پر جيڪڏهن مقتول جو وارث خون بها معاف ڪري تہ ڪري سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن مقتول انهيءَ قوم مان آهي جي توهان جا دشمن آهن (۽ توهان سان لڙائي اٿن) پر هو آهي مومن (۽ ڪو ائين سمجهي تہ هي بہ دشمن مان

مِّيۡثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهۡلِهٖ وَ تَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ مُّؤۡمِنَةٍ ۚ فَمَنۡ لَّمۡ يَجِدۡ فَصِيَامُ شَهۡرَيۡنِ مُتَتَابِعَيۡنِ ۖ تَوۡبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿۹۲﴾

آهي ان کي قتل ڪيو هجي) تہ گهرجي تہ هڪ مسلمان غلام آزاد ڪيو وڃي. (خون بها ڏيڻ جو ضرور ڪونهي چو تہ هن جي وارثن ۽ سنگتين جي مسلمانن سان لڙائي آهي) ۽ جيڪڏهن مقتول انهن ماڻهن مان آهي جن سان اوهان جو صلح جو عهدنامو ٿيل آهي تہ گهرجي تہ قاتل مقتول جي وارثن کي خون بها بہ ڏئي ۽ هڪ مسلمان غلام آزاد بہ ڪري. ۽ جيڪڏهن قاتل هڪڙو غلام نہ لهي (يعني ڪيس ايتري وسعت ناهي جو ڪو غلام خريد ڪري ان کي آزاد ڪري ڇڏي) تہ پوءِ ٻہ مهينا لاڳيتا روزا رکي، هن لاءِ جو الله جي طرف کان اها (هن جي گناهہ جي) توبهہ آهي. ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

وَمَنۡ يَّقۡتُلۡ مُؤۡمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيۡهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ لَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيۡمًا ﴿۹۳﴾

(٩٣) ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن مومن کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪري تنهن جي سزا جهنم آهي، جنهن ۾ هو هميشہ رهندو ۽ مٿن الله جو غضب پيو ۽ لعنت پئي ۽ هن جي لاءِ تمام وڏو عذاب تيار رکيل آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا ضَرَبۡتُمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوۡا وَلَا تَقُوۡلُوۡا لِمَنۡ اَلۡقٰٓى اِلَيۡكُمُ السَّلٰمَ لَسۡتَ مُؤۡمِنًا ۚ تَبۡتَغُوۡنَ عَرَضَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۖ فَعِنۡدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيۡرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ كُنۡتُمۡ مِّنۡ قَبۡلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيۡكُمۡ فَتَبَيَّنُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرًا ﴿۹۴﴾

(٩٤) مومنؤ! جڏهن توهان الله جي راهہ ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرو تڏهن (توهان کي گهرجي تہ جن ماڻهن سان مقابلو هجي تن بابت) چڱيءَ طرح تحقيقات ڪريو (تہ اهي دشمنن مان آهن يا دوستن مان) ۽ جيڪو بہ توهان کي سلام ڪري (۽ پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪري) تنهن کي ائين نہ چئو تہ تون مومن نہ آهين (اسان توسان وڙهنداسين) ڇا توهان دنيا ۽ دولت جا طلبگار آهيو؟ (جو چاهيو ٿا تہ جيڪو بہ ملي تنهن سان وڙهي ڦرلٽ ڪري مال دولت هٿ ڪيون) (توهان کي خبر ناهي ڇا تہ) الله وٽ توهان جي لاءِ وڏيون (جائز) نعمتون موجود آهن، (ظلم جي روش ڇو ٿا وٺو؟) اوهان جي حالت بہ اڳي اهڙي هئي. پوءِ الله تعاليٰ اوهان تي احسان ڪيو (جو توهان کي هدايت بہ نصيب ٿي ۽ قومي زور بہ حاصل ڪيو) تنهن ڪري توهان ضرور تحقيقات ڪريو (۽ فقط دشمنن جو مقابلو ڪيو) بيشڪ الله تعاليٰ توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي.

لَا يَسۡتَوِى الۡقٰعِدُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ غَيۡرُ اُولِى الضَّرَرِ وَالۡمُجٰهِدُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِاَمۡوَالِهِمۡ وَاَنۡفُسِهِمۡ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الۡمُجٰهِدِيۡنَ بِاَمۡوَالِهِمۡ وَاَنۡفُسِهِمۡ عَلَى الۡقٰعِدِيۡنَ دَرَجَةً ؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الۡحُسۡنٰى ؕ وَفَضَّلَ اللّٰهُ الۡمُجٰهِدِيۡنَ عَلَى الۡقٰعِدِيۡنَ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ۙ ﴿۹۵﴾

(٩٥) مومن ۾ جيڪي بنا عذر گهر ويهي ٿا رهن (يعني لڙائيءَ ۾ شريڪ نٿا ٿين) سي انهن جي برابر هرگز ٿي نٿا سگهن، جيڪي پنهنجي مال ۽ جان سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارا آهن. الله تعاليٰ مال ۽ جان سان جهاد ڪرڻ وارن کي ويهي رهندڙن جي ڀيٽ ۾ وڏو درجو ۽ فضيلت ڏني آهي (هونئن تہ) الله تعاليٰ جو چڱو واعدو سڀني (نيڪ مسلمانن) لاءِ آهي پر مجاهدن کي ويهندڙن کان گهڻو وڏو اجر ملندو.

دَرَجٰتٍ مِّنۡهُ وَمَغۡفِرَةً وَّرَحۡمَةً ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۹۶﴾

(٩٦) اهي هن جي طرف کان (ٺهرايل) درجا آهن ۽ سندس بخشش ۽ رحمت آهي ۽ هو وڏو بخشيندڙ ۽ رحمت رکندڙ آهي.

## رڪوع 14

### ڪافرن جي غلاميءَ هيٺ رهڻ جي ذلت ۽ ان کان بچڻ لاءِ جتن

اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَالُوْا فِيْمَ كُنْتُمْ ؕ قَالُوْا كُنَّا مُسْتَضْعَفِيْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ قَالُوْٓا اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ فَاُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿۹۷﴾

(٩٧) جي ماڻهو (دشمنن سان رهي) پاڻ تي ظلم ڪري (پنهنجو نقصان ڪري) رهيا آهن تن جو روح قبض ڪرڻ بعد فرشتا انهن کان پڇندا تہ توهان ڪهڙي حال ۾ هئو؟ (توهان ڪهڙو جهاد ڪيو ۽ ڪهڙا چڱا ڪم ڪيا؟) هو جواب ۾ چوندا تہ (اسان ڇا ڪري سگهون ها؟) اسان ملڪ ۾ دٻايل ۽ هيٺا هئاسين. تنهن تي فرشتا ڪين چوندا تہ (جيڪڏهن توهان پهنجي ملڪ ۾ بيوس هئو تہ) ڇا خدا جي زمين ڪشادي نہ هئي جو توهان ڪنهن ٻئي پاسي هجرت ڪري وڃو ها؟ اهڙن ماڻهن جو ٽڪاڻو دوزخ آهي، اهو دوزخ ڪهڙي نہ بري جاءِ آهي.

اِلَّا الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ حِيْلَةً وَّلَا يَهْتَدُوْنَ سَبِيْلًا ﴿۹۸﴾

(٩٨) سواءِ انهن مردن، عورتن ۽ ٻارن جي، جيڪي سچ پچ اهڙا لاچار ۽ هيٺا هئا جو هنن لاءِ ڪوبہ حيلو وسيلو ڪونہ هو ۽ (هجرت ڪرڻ لاءِ) ڪابہ واهہ ڪانہ هئي.

فَاُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّعْفُوَ عَنْهُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿۹۹﴾

(٩٩) انهن لاءِ امڪان آهي تہ الله تعاليٰ (هنن جي معذوري ڏسي) هنن کي معاف ڪندو ۽ هو معاف ڪندڙ ۽ بخشيندڙ آهي.

وَمَنْ يُّهَاجِرْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِي الْاَرْضِ مُرٰغَمًا كَثِيْرًا وَّسَعَةً ؕ وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۰۰﴾

(١٠٠) ۽ جيڪو الله جي راهہ ۾ پنهنجو گهر ٻار ڇڏي هجرت ڪندو تنهن کي خدا جي زمين ۾ گهڻيون ئي رهڻ جون جايون ملنديون ۽ ڪشادگي ڏسندو ۽ جيڪو بہ پنهنجي گهر مان نڪري الله ۽ سندس رسول جي طرف هجرت ڪري ۽ پوءِ (واٽ تي) موت اچي وڃينس تنهن کي يقيناً الله تعاليٰ وٽان اجر ملندو ۽ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي.

## رڪوع 15

### لڙائي ۽ سفر جي حال ۾ قصر نماز. نماز ڪنهن بہ حالت ۾ نہ ڇڏڻ

وَاِذَا ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنْ خِفْتُمْ اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ اِنَّ الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿۱۰۱﴾

(١٠١) ۽ جيڪڏهن (جنگ ڪرڻ لاءِ) سفر تي نڪرو ۽ اوهان کي انديشو هجي تہ ڪافر توهان کي ڪنهن تڪليف ۾ نہ وجهن تہ پوءِ توهان تي گناهہ ڪونهي. جيڪڏهن نماز گهٽائي پڙهو (يعني چار رڪعتون فرض جي بدران ٻہ رڪعتون). بلاشبہ ڪافر توهان جا ظاهر ظهور دشمن آهن (نماز جي وقت بہ حملو ڪري ڏيندا).

وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا اَسْلِحَتَهُمْ ۫ فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ

(١٠٢) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون مسلمانن ۾ هجين (جنگ هلندڙ هجي) ۽ تون هنن جي لاءِ نماز قائم رکين تہ گهرجي تہ (فوج جو) هڪ حصو (مقتدي ٿي) تنهنجي پٺيان توسان گڏ (نماز لاءِ) اٿي بيهي ۽ هٿيار بہ ڪٽي

وَّرَآئِكُمْ ۠ وَلْتَاْتِ طَآئِفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا
فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَلْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَ
اَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ
اَسْلِحَتِكُمْ وَ اَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ
مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ؕ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ
بِكُمْ اَذًى مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَنْ
تَضَعُوْٓا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَخُذُوْا حِذْرَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٠٢﴾

بيهي، پوءِ جڏهن (اهو حصو) سجدو ڪري رهي ته پوئتي هٽي وڃي ۽ ٻيو حصو جو نماز ۾ شريڪ نه هو سو توسان شريڪ ٿئي ۽ ڪين گهرجي ته پوري خبرداري رکن ۽ هٿيار کڻي بيهن. (ياد رکو ته) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ وررتي آهي سي چاهين ٿا ته توهان پنهنجي هٿيارن ۽ جنگ جي سامان کان غفلت ڪيو ته هو هڪدم اوهان جي مٿان ڪاهي پون ۽ جيڪڏهن توهان کي برسات جي ڪري ڪجھ تڪليف ٿئي يا توهان بيمار هجو ته، پوءِ توهان تي گناه ڪونهي، جيڪڏهن هٿيار لاهي رکو. پر پنهنجي بچاءَ ڪرڻ کان غافل ٿيڻ نه گهرجي (يقين رکو ته) الله تعاليٰ ڪافرن جي لاءِ خوار خراب ڪندڙ عذاب تيار رکيو آهي (هو اوهان تي فتح حاصل نه ڪندا).

فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ
قُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ
فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى
الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿١٠٣﴾

(١٠٣) پوءِ جڏهن توهان نماز پڙهي چڪؤ. تڏهن به گهرجي ته ويٺي ويٺي ليٽندي هر حال ۾ الله کي ياد ڪندا رهو. پوءِ جڏهن توهان کي (دشمن جي طرف کان) خطرو نه رهي ۽ تسلي هجي تڏهن (هميشه جي دستور موجب) نماز پڙهو. بيشڪ نماز مسلمانن تي وقت جي پابنديءَ سان فرض ڪئي ويئي آهي.

وَلَا تَهِنُوْا فِى ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ؕ اِنْ تَكُوْنُوْا
تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَ
تَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ
عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٠٤﴾

(١٠٤) ۽ دشمنن جي پوئتان پوڻ ۾ همت نه هاريو. جيڪڏهن توهان کي (جنگ ۾) تڪليف پهچي ٿي ته جهڙيءَ طرح توهان کي تڪليف ٿي پهچي، پر توهان کي الله وٽان (فتح ۽ اجر جون) اهڙيون اميدون آهن جي هنن کي بلڪل نه آهن (ڇو ته توهان حق ۽ انصاف لاءِ وڙهي رهيا آهيو ۽ هو ظلم ۽ فساد جي راه ۾ لڙي رهيا آهن). الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

## رکوع 16

### رسول جي اطاعت، هر حال ۾ انصاف ڪرڻ

اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ
النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ؕ وَلَا تَكُنْ لِّلْخَآئِنِيْنَ
خَصِيْمًا ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) (اي پيغمبر!) اسان توتي سچائي سان پريل ڪتاب نازل ڪيو آهي انهيءَ ته جيڪي الله تعاليٰ (ان ۾) ڏيکاريو آهي تنهن موجب ماڻهن جي وچ ۾ فيصلا ڪرين. ۽ خيانت ڪرڻ وارن جي طرفداريءَ ۾ جهڳڙو نه ڪر.

وَّاسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا
رَّحِيْمًا ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) ۽ الله کان بخشش گهر (جو فيصلن ڪرڻ جو ڪم تمام اهم ۽ نازڪ آهي) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

وَلَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ خيانت رکن ٿا تن جي طرفداريءَ ۾ تون جهڳڙو نه ڪر. الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن کي هرگز پسند نٿو ڪري جي خيانت ڪندڙ ۽ ڏوه گناه ڪندڙ آهن.

يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ﴿۱۰۸﴾

(١٠٨) اهڙا ماڻهو انسانن کان (پهنجي خيانت) لڪائين ٿا پر خدا کان ڪوه ٿا لڪائين جڏهن هو رات جي وقت گڏ ٿي اهڙين ڳالهين جو مشورو ڪن ٿا جي خدا کي پسند ناهن تڏهن هو هنن وٽ موجود آهي. ۽ جيڪي هو ڪن ٿا تنهن کي الله جو علم گهيريون بيٺو آهي.

هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۟ فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿۱۰۹﴾

(١٠٩) ڏسو توهان ماڻهو اهي آهيو جن دنيا جي زندگيءَ ۾ ته ڏوهارين جي طرفان جهڳڙو ڪيو پر قيامت جي ڏينهن الله وٽ انهن جي طرفان ڪير جهڳڙو ڪندو، يا ڪير آهي جو (انهيءَ ڏينهن) هنن جي وڪالت ڪندو.

وَمَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۱۰﴾

(١١٠) ۽ جيڪو ماڻهو ڪو برو ڪم ڪري تو ويهي يا پاڻ کي نقصان ڪري تو چڏي ۽ پوءِ (ان ڪان توبهه ڪري) الله جي بخشش تو گهري، سو ڏسندو ته بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۱۱﴾

(١١١) ۽ جيڪو (بدعملي ڪري) برائي ڪمائي تو سو پنهنجي ئي جان لاءِ برائي ڪمائي تو (نتيجو ڪيس ئي لوڙڻو پوندو) ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓئَةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓئًا فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۱۱۲﴾

(١١٢) ۽ جنهن اڻ ڄاڻائي ۾ خطا ڪري وڌي يا ڄاڻي ٻجهي ڪو ڏوهه ڪيو ۽ پوءِ ڪنهن بي ڏوهيءَ تي ان ڏوهه جي تهمت ٿريائين ته (ياد رکو ته) هن بهتان ۽ ڪليل ڏوهه جو بار پنهنجي گردن تي وڌو.

## رکوع 17

### جيڪي سنئين راهه ڇڏي ٿو ڏئي اهو پنهنجو نقصان پاڻ تو ڪري

وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَرَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ؕ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿۱۱۳﴾

(١١٣) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توتي الله جو فضل ۽ رحمت نه هجي ها ته (هي ماڻهو توکي برغلائي سگهن ها ۽ تون يهوديءَ جي خلاف فيصلو ڪرين ها). هنن ماڻهن مان هڪ جماعت توکي ڀلائڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو. اهي ماڻهو فقط پاڻ کي ڀلائي گمراه ڪري رهيا آهن (جو حق جي حمايت ڪرڻ بدران ڪوڙي ماڻهو جي حمايت ڪري رهيا آهن) اهي (پنهنجي چالاڪين سان) توکي ڪجهه به نقصان نه پهچائي سگهندا ڇو ته الله تعاليٰ توتي ڪتاب ۽ حڪمت نازل ڪئي آهي ۽ جي ڳالهيون توکي معلوم نه هيون سي توکي سيکاري ڇڏيون اٿس ۽ توتي الله تعاليٰ جو تمام وڏو فضل آهي.

لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍ بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ

(١١٤) هنن ماڻهن جي مخفي مشورن مان گهڻن ۾ ڇگائي ڪانهي پر جيڪڏهن ڪو (مخفي طرح) خيرات ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن نيڪي جي ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم ڪري يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ چاهي (ته پوءِ مخفي مشورا ڪرڻ ۾ به ڇگائي آهي) ۽ جيڪو خدا جي راضپي جي

اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾

طلب ۾ ائين ڪري تو تنهن کي اسان وڏو اجر ڏينداسين.

وَمَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَيَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ۭ وَسَاۗءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾

(١١٥) ۽ جنهن شخص لاءِ هدايت ۽ حق چٽو ڪيو وڃي ۽ پوءِ بہ هو الله جي رسول جي مخالفت ڪري ۽ مومنن جي واٽ ڇڏي ٻي واٽ تي هلي، تنهن کي اسان انهيءَ ئي طرف وٺي ويندا سين جنهن طرف وڃڻ هنن پسند ڪيو آهي ۽ هنن کي دوزخ ۾ پهچائي ڇڏينداسين. دوزخ ڪهڙي نہ بري جاءِ آهي.

رڪوع 18

**الله تعاليٰ شرڪ نٿو بخشي، اصل شيءِ آهي ايمان ۽ عمل، رڳو يهودين، عيسائين يا مسلمانن ۾ نالي ماتر شامل ٿيڻ ڪجھ بہ نا هي.**

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿١١٦﴾

(١١٦) الله تعاليٰ هيءَ ڳالھ هرگز نٿو بخشي تہ ساڻس ڪنهن کي شريڪ ڪيو وڃي، ان کان سواءِ جيڪي بہ گناه آهن اهي جنهن کي چاهي بخشي ڇڏي ۽ جنهن بہ الله سان ڪنهن کي شريڪ ٺهرايو سو سڌي راه گم ڪري تمام پري وڃي پيو.

اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اِنٰثًا ۚ وَاِنْ يَّدْعُوْنَ اِلَّا شَيْطٰنًا مَّرِيْدًا ﴿١١٧﴾ۙ

(١١٧) (اهي مشرڪ) الله کي ڇڏي ديوين کي پڪارين ٿا ۽ مردود شيطان کي پڪارين ٿا.

لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ وَقَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿١١٨﴾ۙ

(١١٨) الله تعاليٰ ان (مردود شيطان) تي لعنت ڪئي آهي. جنهن خدا کي چئي ڏنو تہ مان تنهنجي بندن مان هڪ مقرر حصو پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيندس.

وَّلَاُضِلَّنَّهُمْ وَلَاُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ الْاَنْعَامِ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّتَّخِذِ الشَّيْطٰنَ وَلِيًّا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِيْنًا ﴿١١٩﴾ۭ

(١١٩) ۽ ضرور انهن کي گمراه ڪندس ۽ ضرور (چڱن عملن بدران ڪوڙين) اميدن ۾ ڪين (خوش) رکندس ۽ ضرور ڪين (مشرڪانہ رسمن ۽ وهمن جا) حڪم ڏيندس، پوءِ هو جانورن جا ڪن ضرور چيريندا (۽ انهن کي پيرن بتن جي نالي ڪري ڇڏي ڏيندا ۽ انهن کان ڪم نہ وٺندا) ۽ مان ڪين ضرور حڪم ڏيندس ۽ هو (ان حڪم موجب) خدا جي خلق (شين) جي شڪل ضرور بگاڙي ڇڏيندا (سو اهي مشرڪ شيطان جي هدايتن تي هلن ٿا) ۽ جيڪو بہ الله کي ڇڏي شيطان کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بنائي ٿو سو يقيناً چٽي تباهي ۾ پيو.

يَعِدُھُمْ وَيُمَنِّيْهِمْ ۭ وَمَا يَعِدُھُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٢٠﴾

(١٢٠) شيطان هنن سان (ڪوڙا) واعدا ڪري ٿو ۽ ڪين (ڪوڙين) اميدن ۾ وجهي ٿو ۽ شيطان جيڪي واعدا هنن سان ڪري ٿو سي نڳي ۽ فريب کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهن.

اُولٰۗىِٕكَ مَاْوٰىھُمْ جَهَنَّمُ ۡ وَلَا يَجِدُوْنَ عَنْهَا مَحِيْصًا ﴿١٢١﴾

(١٢١) اهي ئي ماڻهو (يعني مشرڪ شيطان جا تابعدار) آهن، جن جي جاءِ (آخر) دوزخ آهي ۽ هو ان مان ڀڄي نڪرڻ جي واٽ نہ لهندا.

| | |
|---|---|
| وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا ۝١٢٢ | (١٢٢) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تن کي اسان جلد اهڙن (دائمي نعمتن وارن) باغن ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ انهن باغن ۾ رهندا. اهو الله جو واعدو برحق آهي. ۽ قول ۾ الله کان ڪير وڌيڪ سچو ٿي سگهي ٿو؟ |
| لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَلَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ۝١٢٣ | (١٢٣) (مسلمانو نجات ۽ سعادت) نڪي اوهان جي خواهشن ۽ اميدن تي مدار رکي ٿي، نڪي اهل ڪتاب جي خواهشن ۽ اميدن تي (اها تہ ايمان ۽ عمل تي مدار ٿي رکي) جيڪو بہ (مسلم هجي توڙي غير مسلم) برائي ڪندو تنهن کي ان جو (خراب) بدلو ملندو ۽ هن کي الله کان سواءِ نہ ڪوئي دوست ملندو، نہ مددگار! |
| وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ۝١٢٤ | (١٢٤) ۽ جيڪو بہ چڱا ڪم ڪندو، مرد هجي توڙي عورت، ۽ هو (خدا تي سچو) ايمان رکندڙ بہ هوندو تہ اهڙائي ماڻهو آهن جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ هنن سان (عملن جي جزا ملڻ ۾) رتيءَ جيتري بہ بي انصافي نہ ٿيندي. |
| وَمَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ۝١٢٥ | (١٢٥) ۽ انهيءَ ماڻهو کان بهتر دين رکندڙ ڪير ٿي سگهي ٿو، جنهن الله جي اڳيان فرمانبرداريءَ جو سر جهڪايو ۽ نيڪ عمل ڪندڙ بہ آهي ۽ جنهن حضرت ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪئي جو ايمان ۾ خالص ۽ سچو هو ۽ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم کي پنهنجو مخلص دوست بنايو هو. |
| وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطًا ۝١٢٦ | (١٢٦) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي بہ آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو آهي ۽ الله تعاليٰ (پنهنجي علم ۽ قدرت سان) سيني شين کي گهيريون بيٺو آهي. |

### رکوع 19

**يتيمن ۽ عورتن سان چڱو سلوڪ، زالن جي ملڪيت زور سان نہ کسڻ گهرجي**

| | |
|---|---|
| وَيَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ وَمَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ فِيْ يَتٰمَى النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرْغَبُوْنَ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَاَنْ تَقُوْمُوْا لِلْيَتٰمٰى بِالْقِسْطِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيْمًا ۝١٢٧ | (١٢٧) ۽ (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان عورتن جي باري ۾ فتويٰ گهرن ٿا. تون کين چئو تہ، الله تعاليٰ اوهان کي ان باري ۾ (هاڻي) حڪم ٻڌائي ٿو ۽ پڻ يتيم عورتن متعلق حڪم ڏئي ٿو جو توهان کي (هاڻي) قرآن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو. (اڳي بہ حڪم نازل ڪيل آهي تہ ساڻن بي انصافي نہ ڪيو) اهي يتيم عورتون (توهان جي سنڀال هيٺ آهن) ۽ جن کي توهان سندن حق (ورثي جو)، جو انهن جي لاءِ ٺهرايو ويو آهي سو نٿا ڏيو ۽ چاهيو ٿا (تہ سندن مال تي قبضو ڪرڻ لاءِ پاڻ) انهن سان نڪاح ڪيو (اهو ظلم نہ ڪيو) ۽ پڻ جيڪي بيوس (يتيم) ڇوڪرن بنسبت قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي (۽ اڳئي نازل ٿيل آهي) تنهن باري ۾ بہ خدا توهان کي حڪم ٿو |

ڏئي (ته انهن جا حق نه ماريو). ۽ حڪم ٿو ڪري ته يتيمن جي معاملي ۾ (ڇوڪريون هجن توڙي ڇوڪرا ۽ توهان جي سنڀال هيٺ هجن، توڙي نه، هر حال ۾) حق ۽ انصاف تي قائم رهو ۽ (ٿاد رکو ته) جيڪا به نيڪي توهان ڪيو ٿا سا الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ وَاُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَاِنْ تُحْسِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۲۸﴾

(١٢٨) ۽ جيڪڏهن ڪنهن عورت کي پنهنجي مڙس جي طرف کان انديشو هجي ته ساڻس سختي ڪندو يا همبستريءَ کان پري رهندو ته پوءِ مٿن گناهه ڪونهي، جيڪڏهن (عورت خوشيءَ سان پنهنجي مال مان ڪجهه مڙس کي ڏئي ۽) پاڻ ۾ صلح ڪن. (بي اتفاقيءَ کان) صلح وري به بهتر آهي ۽ (طبيعتاً) انسان کي مال جي لالچ رهي ٿي، پر توهان کي گهرجي ته (لالچ کي روڪي هڪ ٻئي سان) چڱايون ڪيو ۽ (بي انصافيءَ کان) پاڻ کي بچايو. توهان جيڪي به ڪيو ٿا تنهنجي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.

وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا كَالْمُعَلَّقَةِ ؕ وَاِنْ تُصْلِحُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۲۹﴾

(١٢٩) توهان (هڪ کان وڌيڪ) زالن جي وچ ۾ ڪامل طرح عدل ڪري نه سگهندؤ، اگرچه توهان عدل ڪرڻ جي خواهش رکو (ڇو ته قدرتي محبت ۽ توهان جي دل توهان جي وس ۾ ناهي) پر تڏهن به ائين نه ڪيو جو ڪنهن هڪ جي طرف گهڻو جهڪي پئو ۽ ٻي کي اهڙيءَ طرح ڇڏي ڏيو جو ڄڻ ته معلق آهي (يعني نڪي مڙس ڪيس زال ڪري ڏسي، نڪي طلاق مليس، جو وڃي پنهنجو انتظام رکي، وچ ۾ لٽڪيل آهي) پر توهان جيڪڏهن (عورتن سان) چڱائي چاهيو ۽ (بي انصافي ڪرڻ کان) پاڻ بچايو ته پوءِ الله تعاليٰ بيشڪ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

وَاِنْ يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ وَاسِعًا حَكِيْمًا ﴿۱۳۰﴾

(١٣٠) ۽ جيڪڏهن (زال مڙس بلڪل نه نڀن ۽) جدا ٿي وڃن ته الله تعاليٰ پنهنجي (فضل جي) ڪشادگيءَ سان ٻنهي کي غني (آسودو ۽ بي پرواه) ڪري ڇڏيندو، ۽ الله تعاليٰ وڏي وسعت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿۱۳۱﴾

(١٣١) ۽ (ياد رکو) ته آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به آهي سو الله جو آهي ۽ الله جي واسطي آهي. يقيناً اسان انهن ماڻهن کي جن کي اوهان کان اڳي ڪتاب ڏنو ويو ۽ پڻ اوهان کي حڪم ڪيو ته الله (جي نافرماني جي نتيجن) کان ڊڄو ۽ خدا جي حڪمن جي پيروي ڪيو، ۽ جيڪڏهن (سندس حڪم) نه مڃيندؤ ته (خدا کي ڪا پرواه ڪانهي، نقصان اوهان جو ٿيندو) يقيناً جيڪي به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جي لاءِ آهي ۽ الله تعاليٰ بي نياز آهي ۽ سڀني چڱين صفتن سان ڪامل طرح موصوف آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۳۲﴾

(١٣٢) ۽ (بيشڪ) الله ئي جي لاءِ آهي جيڪي به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ هو (پنهنجي فرمانبردارن لاءِ) ڪافي ڪارساز آهي.

اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى ذٰلِكَ قَدِيْرًا ﴿۱۳۳﴾

(١٣٣) اي انسانؤ! جيڪڏهن هو چاهي ته توهان کي (اقبال ۽ سعادت جي حالت مان ڪڍي) پست حالت ۾ آڻي يا برباد ڪري ڇڏي ۽ (اوهان جي جاءِ تي) ٻين کي آڻي هو بيشڪ ائين ڪرڻ لاءِ قادر آهي.

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ع ﴿۱۳۴﴾

(١٣٤) جيڪو دنيا جو فائدو چاهي ٿو، تنهن کي (ياد رکڻ گهرجي ته) الله وٽ دنيا ۽ آخرت ٻنهي جون نعمتون موجود رکيون آهن. هو سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي (۽ چڱن عملن ڪندڙن کي دنيا ۽ آخرت جون نعمتون بخشيندو).

## رڪوع 20

### عدل ۽ انصاف ڪرڻ ۽ سچي شاهدي ڏيڻ، توڙي جو پنهنجي خلاف هجي

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰۤى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۫ فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰۤى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ وَاِنْ تَلْوٗۤا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۳۵﴾

(١٣٥) مومنؤ! انصاف تي پوري مضبوطيءَ سان قائم رهڻ وارا ۽ الله جي واسطي (سچي) شاهدي ڏيڻ وارا ٿيو. اگرچ اها (سچي) شاهدي خود توهان جي خلاف يا اوهان جي پيءُ ماءُ ۽ ويجهن مائٽن جي خلاف هجي (ته به سچي شاهدي ڏيڻ کان نه ڪيٻايو) جيڪو ڪو شاهوڪار آهي يا مسڪين آهي ته الله (اوهان کان) وڌيڪ انهن تي مهربان آهي) (توهان کي ائين ڪرڻو ناهي جو دولتمند جي دولت ۾ لالچ رکي يا مسڪين جي حال تي رحم کائي سچي ڳالهه ڪرڻ کان هٽي وڃو) پوءِ خبردار ائين نه ٿئي جو نفساني خواهشن جي ڪري انصاف کان هٽي وڃو ۽ جيڪڏهن توهان (شاهدي ڏيڻ ۾) آڏيون ڦڏيون ڳالهيون يا شاهدي ڏيڻ کان انڪار ڪندو ته (ياد رکو) ته توهان جيڪي به ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ خبر رکندڙ آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿۱۳۶﴾

(١٣٦) مومنؤ! الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ ڪتاب تي ايمان آڻيو جو پنهنجي رسول تي نازل ڪيو اٿس ۽ پڻ انهن ڪتابن تي ايمان آڻيو جيڪي ان کان اڳي (ٻين پيغمبرن تي) نازل ڪيا هئائين ۽ (ياد رکو ته) جنهن به الله تي سندس ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ رسولن تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نه آندو سو سنئين واٽ ڇڏي تمام پري هٽي ويو.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيْلًا ؕ ﴿۱۳۷﴾

(١٣٧) جن ماڻهن ايمان آندو پوءِ ڪفر ۾ پيا، وري ايمان آندائون ۽ وري ڪفر ۾ پئجي ويا ۽ پوءِ ڪفر ۾ وڌندا ويا (ته في الحقيقت هنن جو ايمان سچو ايمان نه هو) الله تعاليٰ کين ڪونه بخشيندو، نڪي کين سڌي واٽ ڏيکاريندو.

بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمَا ۙ ﴿۱۳۸﴾

(١٣٨) (اي پيغمبر!) تون منافقن کي هي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ ته بلاشڪ هنن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار (رکيو ويو) آهي.

الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَيَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ﴿۱۳۹﴾

(١٣٩) (اهي منافق) مسلمانن کي ڇڏي ڪافرن کي پنهنجو دوست ۽ مددگار بنائين ٿا. ڇا هو انئين ٿا چاهين ته هو (مسلمانن جي دشمنن) وٽ عزت لهن (جيڪڏهن عزت چاهين ٿا ته ڪين ياد رکڻ گهرجي) يقيناً سڀ عزت فقط الله جي لاءِ آهي (۽ جنهن کي وٽيس تنهن کي فقط هوئي عزت ڏئي ٿو).

وَقَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَ يُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖۤ ۖ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْكٰفِرِيْنَ فِيْ جَهَنَّمَ جَمِيْعَا ﴿۱۴۰﴾

(١٤٠) ۽ الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ اوهان جي لاءِ حڪم نازل ڪيو آهي ته جڏهن توهان ڏسو ۽ ٻڌو ته خدا جي آيتن کان (شرارت طور) انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن تي کل مسخري ڪئي وڃي ٿي، تڏهن هنن جي مجلس ۾ نه ويهو جيستائين ان ڳالهه کي ڇڏي ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳن (پوءِ ڀلي انهن سان ويهو) جيڪڏهن هنن سان گڏ (آيتن سان مسخري ڪرڻ وقت) ويهندؤ ته توهان به هنن جهڙا ٿيندؤ. (ياد رکو ته) خدا اهڙن منافقن ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ گڏ ڪرڻ وارو آهي.

الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْۤا اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَ اِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْۤا اَلَمْ نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَ نَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ لَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿۱۴۱﴾

(١٤١) اهي (منافق) توهان جي تاڪ ۾ آهن ۽ موقعي جو انتظار ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن توهان کي الله جي طرف کان فتح ملي ٿي ته توهان کي چون ٿا ته، ڇا اسان توهان سان شامل نه هئاسين؟ جيڪڏهن ڪافرن جي فتح ٿئي ته، کين چون ٿا ته، ڇا اسان (يعني مسلمانن جو لشڪر) توهان کي شڪست ڏيئي توهان تي غالب ڪين پياسين. پر پوءِ اسان (منافقن چالاڪيون ڪري) اوهان کي مسلمانن کان بچائي ورتو. پوءِ (يقين رکو ته) الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن توهان (سچن مسلمانن) ۽ هنن (منافقن) جي وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندو. (هو ڪيترو به اوهان جي دشمنن سان شامل ٿين ته به) الله تعاليٰ ڪڏهن به ڪافرن کي مسلمانن تي (غالب پوڻ جي) واٽ نه ڏاهيندو.

## رکوع 21

### منافقن جون خصلتون، ٻين جون برايون ظاهر ڪرڻ کان منع

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَ هُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَ اِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَ لَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۴۲﴾

(١٤٢) منافق (پنهنجي دورنگي چال ڪيڏي سمجهن ٿا ته هو) خدا کي (۽ مومنن کي) ڌوڪو ڏئي رهيا آهن. پر حقيقت هي آهي جو هو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن، (الله تعاليٰ کين مهلت ڏئي، کين ڌوڪو ڏئي رهيو آهي ۽ هو منافقيءَ ۾ وڌندا وڃي ڪڏ ۾ ڪرندا) ۽ جڏهن هو نماز لاءِ اٿن ٿا تڏهن سستيءَ سان اٿن ٿا رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نماز ٿا پڙهن ۽ الله کي ياد ڪونه ٿا ڪن، پر نالي طور.

مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ ۖ لَاۤ اِلٰى هٰۤؤُلَآءِ وَ لَاۤ

(١٤٣) هو (ڪفر ۽ ايمان جي) وچ ۾ منجهيا بيٺا آهن، (ته هتي رهون يا

اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ
سَبِيْلًا ﴿١٤٣﴾

هتي رهون) نکي هنن (مسلمانن) جي طرف آهن، نکي هنن (ڪافرن)
جي طرف آهن ۽ حقيقت هي آهي ته جنهن کي الله (پنهنجي قانون موجب)
گمراهه ڪري تنهن جي لاءِ توهان ڪا به راه نه لهي سگهندو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ
مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا
لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٤٤﴾

(١٤٤) مومنؤ! متان مومنن کي ڇڏي ڪافرن کي (جي توهان سان
لڙائيءَ ۾ آهن ۽ اوهان کي برباد ڪرڻ چاهين ٿا) پنهنجو دوست ۽
مددگار بنايو، ڇا توهان چاهيو ٿا ته خدا جو چٽو الزام پاڻ تي ڪٽو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ
النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿١٤٥﴾

(١٤٥) بلاشبہ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺيئن تري ۾ پوندا ۽ توهان
هنن جي لاءِ ڪو به مددگار ڪونه ڏسندو.

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَاَصْلَحُوْا وَاعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ
وَاَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ وَسَوْفَ يُؤْتِ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ
اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٤٦﴾

(١٤٦) سواءِ انهن (منافقن) جي جن توبهه ڪئي (ڏنگي واٽ ڇڏي سڌي
راهه ورتي) پنهنجا عمل سيڪاريا ۽ الله (جي حڪمن) تي مضبوطيءَ سان
ڄمي رهيا ۽ پنهنجي دين ۾ خالص خدا ڪارڻ سچا رهيا، پوءِ اهي مومنن
سان گڏ هوندا ۽ جلد الله تعاليٰ مومنن کي وڏو اجر عطا فرمائيندو (دنيا
۾ به جلد ڪاميابي ڏيندو ۽ آخرت ۾ به جنت نصيب ڪندو).

مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَ
اٰمَنْتُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿١٤٧﴾

(١٤٧) (اي انسانو!) جيڪڏهن توهان خدا جي نعمتن جو قدر ڪيو ۽
مٿس ايمان رکو ته خدا کي توهان کي عذاب ڏئي ڇا ڪرڻو آهي (يعني
ڇو اوهان کي عذاب ڏيندو) الله تعاليٰ ته (انسانن جي چڱن عملن جو) قدر
ڪندڙ ۽ (هنن جي حالت جو) علم رکندڙ آهي.